SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XIX مجريه 1984

SINDH ORDINANCE NO.XIX OF 1984

سنڌ آبڪاري (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SINDH ABKARI (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1878 جي سنڌ ايڪٽ V ۾ دفعه 32_D جو اضافو
Insertion of section 32_D in Sindh Act V of 1978
3. 1878 جي سنڌ ايڪٽ V ۾ دفعه 60_B جو اضافو
Insertion of section 60_B in Sindh Act V of 1878

سنڌ آرڊيننس نمبر XIX مجريہ 1984

SINDH ORDINANCE NO.XIX OF 1984

سنڌ آبڪاري (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SINDH ABKARI (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[27 سيپٽمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ آبڪاري ايڪٽ، 1878ء ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ شرعي عدالت سنڌ آبڪاري ايڪٽ، 1878ء ڪجهہ ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

جيئن تہ آبڪاري ايڪٽ، 1878ء ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 جي اعلان موجب، قانون (نافذ هئڻ وارو تسلسل) حڪم، 1977 جي روشني ۾، سنڌ جي گورنر هينئيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ آبڪاري (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1878 جي سنڌ ايڪٽ V ۾ دفعہ 32_D جو اضافو

2. سنڌ آبڪاري ايڪٽ، 1878ء جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي حصي VII ۾، دفعہ 32_C کانپوءِ، هينئين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"32_D. **مسلمانن کي لائسنس پاس يا پرمٽ جاري ڪرڻ تي پابندي.** جيستائين ڪجھ به هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، ڪو لائسنس، پرمٽ يا پاس هڪ مسلمان کي جاري نہ ڪئي ويندي سواءِ ان جي تہ منع نامو (حد لڳائڻ) آرڊر، 1979 جي آرٽيڪل 17 موجب لائسنس جاري ڪيو ويجي."	Insertion of section 32_D in Sindh Act V of 1978
3. ڄاڻايل ايڪٽ جي حصي XI ۾، دفعہ 6_A کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:	1878 جي سنڌ ايڪٽ V ۾ دفعہ 60_B جو اضافو
"60_B. **اپيل يا نظرثاني تي ٻڌڻ جو موقعو.** مٿي ڄاڻايل گنجائشن موجب اپيل يا نظرثاني ۾ ڪو به حڪم جاري نہ ڪيو ويندو جيستائين متاثر شخص کي ٻڌڻ جو موقعو نہ فراهم ڪيو ويجي."	Insertion of section 60_B in Sindh Act V of 1878

نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.